# اوهان جي امانت
# اوهان جي خدمت ۾

مصنف

داعي اسلام
**حضرت مولانا محمد ڪليم صديقي**
مدظله العالي
ڦلت ضلع مظفر نگر (يو پي) انديا

مترجم

**سليم الله سومرو**

ناشر
جامعة فاطمة الزهراء للبنات
اسپتال روڊ ڪنديارو نوشهرو فيروز ۔ سنڌ

ڪتاب جو نالو: اوهان جي امانت اوهان جي خدمت ۾
مصنف: داعي اسلام حضرت مولانا محمد ڪليم صديقي مدظله العالي
خليفہ مجاز: حضرت مولانا ابوالحسن ندويؒ
مترجم: سليم الله سومرو
ڇاپو پهريون: 2010ع مطابق 1431ھ
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ناشر: جامعة فاطمة الزهراء للبنات
نزد قاسميہ لائبريري، ڪنڊيارو نوشهروفيروز

جامعہ فاطمہ الزهراء للبنات

## ملڻ جا هنڌ

جامعه فاطمه الزهراء للبنات نزد قاسميه لائبريري ڪنڊيارو نوشهروفيروز 0301_3211633
مولانا نذير احمد مهر صاحب، جامعه دارالعلوم جامع مسجد عثمانيه، بيراج ڪالوني سکر
حافظ ثناءُ الله سومرو خطيب بلال مسجد، سنڌ يونيورسٽي ڪالوني، ڄامشورو
شيخ عبدالله صاحب، ٽنڊو بولا خان

# فهرست


- چڱا اکر 5
- پيش لفظ 7
- مون کي معاف ڪريو 10
- هڪ محبت ڀري ڳالهه 11
- فطرت جو وڏي ۾ وڏو سچ 11
- هڪ دليل 12
- سچي شاهدي 13
- هڪ وڏي سچائي 14
- موت کان پوءِ 15
- آواگمن جي خلاف ٺوس دليل 16
- عملن جو نتيجو ملندو 18
- خدا جو شريڪ بڻائڻ وڏي ۾ وڏو گناهه آهي 19
- هڪ مثال 20
- قرآن پاڪ ۾ مورتيءَ جي پوڄا جي مخالفت 22
- هڪ جهونو خيال 22
- سڀ کان چڱي نيڪي، ايمان آهي 23
- سچو دين 25
- پيغمبر 25
- مورتين جي پوڄا جي شروعات 27

| | |
|---|---|
| ○ رسولن (پيغمبرن) جي تعليم | 28 |
| ○ آخري پيغمبر، حضرت محمد ﷺ | 30 |
| ○ حضرت محمد ﷺ جن جي زندگي مبارڪ جو تعارف | 31 |
| ○ سچ جو آواز | 33 |
| ○ انسان جي هڪ ڪمزوري | 33 |
| ○ رڪاوٽون ۽ آزمائش | 34 |
| ○ حق جي فتح | 35 |
| ○ آخري وصيت | 36 |
| ○ هر انسان جي ذميواري | 36 |
| ○ ڪجهه سوال | 37 |
| ○ ٻيو سوال | 38 |
| ○ سچو دين صرف هڪ آهي | 39 |
| ○ هڪ ٻيو سوال | 40 |
| ○ پنڊت ويد پرڪاش اپاڌيائي جو فيصلو | 41 |
| ○ ايمان جي ضرورت | 42 |
| ○ پيارا پڙهندڙ دوستو! | 43 |
| ○ ايمان جو امتحان | 45 |
| ○ اوهان جو فرض | 45 |
| ○ ايمان آڻڻ کان پوءِ | 47 |

# چڱا اکر

حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ هر ٻار (اسلام واري) فطرت تي ڄمي ٿو پر سندس ماءُ پيءُ ان کي نصارو يا يهودي يا مجوسي بڻائن ٿا. ظاهر آهي صحبت ۽ ساٿ اثر ڪري ٿو. قرآن شريف ۾ ارشاد آهي تہ: دين تہ الله تعاليٰ وٽ اسلام ئي آهي، پر جيئن تہ هن جهان ۾ ڪنهن تي بہ جبر ۽ ڏاڍ نہ آهي. هر هڪ کي اختيار آهي، چڱي واٽ وٺي يا برائيءَ واري راهہ هلي. ان ڪري اسلام قبول ڪرڻ تي ڪنهن کي بہ مجبور نہ ڪيو ويندو. لا اِڪراه في الدين (دين ۾ جبر نہ آهيو) البت پيغام اسلام جو هر هڪ تائين پهچائڻ نهايت ضروري آهي. متان قيامت ڏينهن چون تہ اسان کي تہ ڪنهن ڏسيو ئي ڪو نہ هو!

اسلام در حقيقت سمورن انسانن جو دين آهي. پوءِ ڪي ان کي پنهنجو ڪن ٿا تہ ڪي ڪن لاتار ڪن ٿا. اسلام چاهي ٿو تہ سڀ انسان آخرت واريءَ باهہ کان بچن. رسول الله ﷺ جن فرمايو: منهنجو مثال ائين آهي، جيئن باهہ ۾ پتنگ پوندا وڃن ۽ هڪ ماڻهو انهن کي ڪيڏندو وڃي. مان تہ سمورن انسانن کي اُخروي باهہ مان ڪيڻ چاهيان ٿو، پر انسان زوريءَ ان ۾ گهڙي ڪري سڙڻ ٿا چاهن.

خيبر جي جنگ جي موقعي تي پاڻ ڪريمن ﷺ جن حضرت علي رضي الله عنه کي فرمايو: تنهنجي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي جيڪڏهن هدايت نصيب ٿئي، اهو ڳاڙهن اُٺن کان وڌيڪ آهي. (صحيح بخاري) ياد رهي ته عرب ۾ ڳاڙها اٺ نهايت قيمتي مال طور پاليا ويندا هئا. چوندا آهن: ڪک هيٺان لک، ڪڏهن ننڍڙي ڳالهه به هدايت جو ذريعو بڻجي پوي.

انهيءَ جستجو تحت هندستان جي هڪ وڏي عالمِ دين مولانا محمد ڪليم صديقي صاحبؒ جن هندو احبابن جي رهنمائيءَ لاءِ هڪ ننڍو ڪتاب "آپ کی امانت آپ کی سیوا میں" جي نالي سان لکيو جيڪو هزارين هندن جي اسلام آڻڻ جو ذريعو بڻيو. هندو برادري سنڌ ۾ به جام آهي. ان ڪري ضرورت محسوس ڪئي وئي ته ان جو سنڌي ترجمو به ٿيڻ گهرجي، جيئن هندو احبابن کي تحفي طور پيش ڪيو وڃي. جيئن انهن کي به غور ڪرڻ جو موقعو ملي.

ڪتاب برادرم مولانا سليم الله جي حوالي ڪيو ويو جنهن ان جو سنڌي ترجمو ڪري ورتو جيڪو پڙهندڙن جي خدمت ۾ آهي.

سنڌ ۾ هندو برادريءَ وارا اسلام جي عظمت جو لحاظ ڪندا رهيا آهن. ڪيترائي هندو سنڌي صوفين جا پوئلڳ رهيا آهن. اڪثر هندو شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جا معتقد آهن. رسول الله ﷺ جن جي سيرت

تي نثر ۾ پهريون سنڌي ڪتاب (جيڪو مشيني حروف ۾ ڇپيو هو سو) هڪ هندو ليکڪ لالچند امر ڏني مل جڳتياڻي جو لکيل آهي. جيڪو محمد رسول الله ﷺ جي نالي سان پهريون دفعو 1911ع ۾ (هاڻي ٻيو دفعو 2007ع ۾ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان) ڇپيو. اهڙيءَ ريت مير محمد عربي ﷺ جن نالي سان هڪ ڪتاب امر لال هنگوراڻيءَ لکيو جيڪو مولانا دين محمدؐ وفائيءَ جي مقدمي سان1947ع ڌاري ڇپيو (هاڻي ٻيو دفعو 2007ع ۾ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان ٻه ڇپيو آهي)

ان کان سواءِ آزادي کان اڳ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي هڪ ڪتاب ”اسلام“ جي عنوان سان لکيو جيڪو بنڌو آشرم حيدرآباد سنڌ طرفان ڇپيو هو. جنهن ۾ هن اسلام ۽ اسلام جي داعي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي جيڪا واکاڻ ڪئي آهي سا پڙهڻ لائق آهي. ڏڻيءَ در دعا آهي ته هن ڪتاب کي رهنمائيءَ ۽ هدايت جو ذريعو بڻائي، آمين.

**محمد ادريس سومرو**

انچارج قاسميه لائبريري ڪنڊيارو

رڪن اسلامي نظرياتي ڪونسل پاڪستان

16_08_2010 / 4_8_1431 ھ

# مهاڳ

جيڪڏهن ٻاهه جي هڪ چوڇڙي اوهان جي سامهون پئي هجي ۽ هڪ ٻي سمجهه ٻار ان جي آڏو پيرين اگهاڙي اچي ۽ ان جو پير ڙو سڙوان تي پوي ته توهان ڇا ڪندؤ؟

ظاهر آهي ته توهان جلدي ان ٻارڙي کي هنج ۾ کڻندؤ. جيڪڏهن ان کي ٻاهه کان پري ڪندؤ ته اوهان کي بيحد خوشي محسوس ٿيندي.

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو انسان ٻاهه ۾ سڙي پوي ته اوهان تڙپي پوندا آهيو ۽ ان لاءِ اوهان جي دل ۾ همدردي پيدا ٿي ويندي آهي.

ڇا اوهان ڪڏهن سوچيو آهي ته آخر ائين ڇو؟ ان ڪري ته سڀ مخلوق صرف هڪ ماءُ پيءُ جي اولاد آهي ۽ هر هڪ جي سيني ۾ هڪ ڌڙڪندڙ دل آهي. جنهن ۾ محبت ۽ همدردي آهي ۽ غم خواري آهي. اهو هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ تڙپي ٿو ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪري خوش ٿئي ٿو ان ڪري سچو انسان ۽ ماڻهو اهوئي آهي جنهن جي سيني ۾ سڄي انسانيت لاءِ محبت جو جذبو پيدا ٿئي. جنهن جو هر ڪم انسان جي خدمت جي لاءِ هجي ۽ جيڪو هر هڪ کي ڏک ڏولاوي ۾ ڏسي تڙپي پوي ۽ بي چين ٿي وڃي ۽ ان جي مدد سندس زندگيءَ جو لازمي حصو بڻجي وڃي.

هن جهان ۾ انسان جي هيءَ زندگي عارضي آهي ۽ مرڻ

کان پوءِ ان کي هڪ ئي زندگي ملندي جا دائمي (هميشه) رهندي، پنهنجي سچي مالڪ جي بندگي ۽ ان جي اطاعت کان سواءِ مرڻ کان پوءِ زندگيءَ ۾ جنت حاصل نہ ٿي سگهندي ۽ هميشه لاءِ دوزخ جو ٻل ٻٽجڻو پوندو. اڄ لکين ڪروڙين انسان جهنم جو ٻل ٻٽجڻ جي ڊوڙ ۾ لڳا پيا آهن ۽ اهڙن رستن تي هلن پيا جيڪي سڌو جهنم ڏي پيا وڃن. ان ماحول ۾ انهن سمورن ماڻهن جي ذميداري آهي تہ جيڪي انساني نسل سان محبت ڪن ٿا ۽ انسانيت تي يقين رکن ٿا تہ هو اڳتي اچن ۽ دوزخ ۾ ڪرندڙ ماڻهن کي بچائڻ جو پنهنجو فرض پورو ڪن. اسان کي خوشي آهي جو انسانن سان سچي همدردي رکندڙ ۽ انهن کي دوزخ جي باهہ کان بچائڻ جي ڏک ۾ نجهرندڙ مولانا محمد ڪليم صديقي صاحب پيار ۽ محبت جا ڪجھ گل پيش ڪيا آهن، جنهن ۾ انسانيت لاءِ سندن محبت صاف نظر اچي ٿي ۽ هن جي ذريعي سائين جن، اهو فرض پورو ڪيو آهي، جيڪو هڪ سچي مسلمان ٿيڻ جي ناتي اسان سڀني تي فرض آهي.

هنن لفظن سان گڏوگڏ، دل جون هيءَ تمنائون ۽ "اوهان جي امانت اوهان جي خدمت ۾" پيش آهي.

**وصي سليمان ندوي**

ايڊيٽر، اردو ماهنامہ ارمغان

ڦلت، مظفر نگر (يوپي)

# الله جي نالي سان شروع
# جيڪو نهايت ٻاجهارو ۽ مهربان آهي

## مون کي معاف ڪريو

منهنجا پيارا پڙهندڙ ساٿيو! مون کي معاف ڪريو. آءٌ پنهنجي ۽ پنهنجي سڄي مسلمان برادريءَ پاران توهان کان معافي وٺان ٿو جنهن هن دنيا جي وڏي ۾ وڏي شيطان جي فند ۽ فريب ۾ اچي توهان جي وڏي ۾ وڏي دولت، توهان تائين نہ پهچائي. ان شيطان گناهہ جي جاءِ تي گنهگار جي بي عزتي دل ۾ ويهاري، هن سڄي دنيا کي جنگ جو ميدان بڻائي ڇڏيو. ان غلطيءَ کي سوچيندي ئي مون اڄ قلم کنيو آهي تہ جيئن اوهان جو حق، اوهان تائين پهچايان ۽ بغير ڪنهن لالچ جي، محبت ۽ انسانيت جون ڳالهيون توهان کي ٻڌايان.

هو سچو مالڪ جيڪو دلين جي حال کي ڄاڻي ٿو سو شاهد آهي تہ هنن ورقن کي توهان تائين پهچائڻ ۾ آءٌ خلوص سان حقيقت ۾ همدرديءَ جو حق ادا ڪرڻ چاهيان ٿو. هنن ڳالهين کي توهان تائين نہ پهچائڻ جي ڏک ۾ ڪيترين ئي راتيون منهنجي ننڊ قتل آهي. توهان وٽ هڪ دل آهي ان کان پڇي وٺو جا بلڪل سچي هوندي آهي.

## هڪ محبت ڀري ڳالهه

هيءَ ڳالهه چوڻ جي نہ آهي، پر منهنجي تمنا آهي تہ منهنجي هنن ڳالهين کي جيڪي محبت ڀريون آهن توهان پيار جي اکين سان ڏسو ۽ پڙهو ان مالڪ خاطر جيڪو سڄي جهان کي هلائيندڙ ۽ ٺاهيندڙ آهي. غور ڪريو تہ جيئن منهنجي دل ۽ روح کي سڪون مليو تہ مون پنهنجي ڀاءُ يا ڀيڻ جي امانت ان تائين پهچائي ۽ پنهنجي انسان هجڻ جو فرض ادا ڪيو. هن جهان ۾ اچڻ کان پوءِ هڪ انسان لاءِ جنهن سچائي کي ڄاڻڻ ۽ مڃڻ ضروري آهي ۽ جيڪا ان جي وڏي ۾ وڏي ذميداري ۽ فرض آهي، اها محبت ڀري ڳالهه آءُ توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو.

## فطرت جو وڏي ۾ وڏو سچ

هن جهان جي بلڪ فطرت جي وڏي ۾ وڏي سچائي هيءَ آهي تہ هن جهان، مخلوق ۽ ڪائنات جو جوڙيندڙ پيدا ڪندڙ ۽ ان جو نظام سنڀاليندڙ صرف ۽ صرف هڪ اڪيلو مالڪ آهي. هو پنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ اڪيلو آهي. دنيا ٺاهڻ، هلائڻ، مارڻ ۽ جيارڻ ۾ ان جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي. هو اهڙي طاقت آهي جو هر جاءِ ۽ هر هنڌ موجود آهي، هو هر هڪ جي ٻڌي ٿو ۽ هر هڪ کي ڏسي ۽ پسي ٿو سڄي جهان ۾ هڪ پن بہ ان جي اجازت کان سواءِ چري نہ ٿو سگهي. هر انسان جو روح ان جي شاهدي ڏئي ٿو. پوءِ ڀلي اهو ڪهڙي بہ مذهب سان تعلق رکندڙ ڇو نہ هجي

۽ پلي مورتيءَ کي پوڄيندڙ چو نہ هجي، پر اندر ۾ اهو بہ يقين رکندو آهي تہ پاليندڙ رب ۽ اصلي مالڪ صرف اهوئي هڪ آهي.

انسان جي عقل ۾ بہ ان کان سواءِ ٻي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٿي اچي، جيڪڏهن ڪنهن اسڪول جا ٻہ پرنسپال هجن تہ اسڪول هلي نہ سگهندو، هڪ ڳوٺ جا ٻہ وڏيرا (مُکي) هجن تہ ڳوٺ جو نظام ختم ٿي ويندو ۽ ڪنهن هڪ ديش ۾ ٻہ بادشاهہ نہ ٿا ٿي سگهن تہ هيڏي وڏي دنيا جو انتظام هڪ کان وڌيڪ خدا يا مالڪن جي ذريعي ڪيئن هلي سگهي ٿو ۽ دنيا جو انتظام سنڀاليندڙ گهڻيون هستيون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون؟

## هڪ دليل

قرآن جيڪو الله پاڪ جو ڪلام آهي، ان دنيا کي پنهنجي حقانيت ٻڌائڻ لاءِ دعويٰ ڪئي آهي تہ "جيڪڏهن توهان کي شڪ آهي تہ قرآن ان مالڪ جو سچو ڪلام نہ آهي تہ پوءِ ان جهڙي ڪا هڪڙي سورت ٺاهي ڏيکاريو ۽ جي دل چاهيوَ تہ ان ڪم جي لاءِ الله کان سواءِ سڄي جهان کي پنهنجي مدد لاءِ سڏيو جيڪڏهن توهان سچا آهيو." (سورة البقرة: 23)

چوڏهن سؤ سالن کان وٺي اڄ تائين هن دنيا جا انسان، سائنس ۽ ڪمپيوٽر تائين ريسرچ (کوجنا) ڪري ٿڪجي چڪا آهن ۽ اڃا بہ مڃي چڪا آهن پر ڪوبہ ثابت نہ ڪري سگهيو آهي تہ هيءُ الله جو ڪتاب نہ آهي.

هن پاڪ ڪتاب ۾ مالڪ اسان جي عقل کي اپيل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي دليل ڏنا آهن. هڪ مثال هيءُ آهي:

"جيڪڏهن زمين ۽ آسمان ۾ گهڻا معبود (۽ مالڪ) هجن ها ته وڏو فساد ۽ ڏڦوڙ ٿي پوي ها." (سورة الانبياء: 22)

صاف ۽ سڌي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن هڪ کان سواءِ ڪيترائي مالڪ هجن ها ته جهيڙو ٿي پوي ها. هڪڙو چوي ها ته هن مهل رات ٿيندي، ٻيو چوي ها ته ڏينهن ٿيندو. هڪڙو چوي ها ته ڇهن مهينن جو ڏينهن ٿيندو ٻيو چوي ها ته ٽن مهينن جو ٿيندو. هڪڙو چوي ها ته اڄ سج اولهه کان اُڀرندو ٻيو چوي ها ته پورب (اوڀر) کان اُڀرندو. جيڪڏهن ديوي ۽ ديوتائن کي واقعي به هيءُ حق هجي ها ۽ اهي الله جي ڪمن ۾ شريڪ به هجن ها ته ڪڏهن ائين ٿئي ها ته هڪ غلام (ٻندو) پوڄا ۽ عاجزي، نيازي ڪري، برسات جي ديوتا کان پنهنجي ڳالهه مڃائي ته وڏي مالڪ جي طرفان آرڊر اچي ته هن مهل برسات نه ٿيندي، پوءِ هيٺيان هڙتال ڪري ڏين. هاڻي ماڻهو ويٺا آهن ته ڏينهن اجا تائين نه نڪتو آهي پوءِ خبر پئي ته سج ديوتا هڙتال ڪئي آهي.

## سچي شاهدي

سچ هيءُ آهي ته دنيا جي هر شيءِ شاهدي ڏئي رهي آهي ۽ منظم طريقي سان هلندڙ ڪائنات جو نظام شاهدي ڏئي رهيو آهي ته جهان جو مالڪ اڪيلو ۽ صرف هڪ آهي. هو جڏهن چاهي ۽ جيڪو چاهي ته ڪري سگهي ٿو

ان کي تصورن ۽ خيالن ۾ نه ٿو آڻي سگهجي. ان جي تصوير به نه ٺاهي سگهجي. هن مالڪ سڄي جهان کي انسانن جي خدمت لاءِ پيدا ڪيو سڄ انسان جو خدمتگار ٿيو هيءَ زمين به انسان جي خدمتگار آهي، باهه، پاڻي، جاندار ۽ بي جان مطلب ته دنيا جي هر شيءِ انسان جي خدمت لاءِ بڻائي وئي آهي. انسان کي انهن سمورين شين جو سردار بڻايو ويو آهي ۽ الله تعاليٰ کيس صرف پنهنجو ٻانهو ۽ پنهنجي ٻانهپ ۽ حڪم مڃڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي.

انصاف جي ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن پيدا ڪندڙ زندگي ڏيندڙ ماريندڙ کاڌو پيتو ڏيندڙ ۽ زندگيءَ جي هر ضرورت عطا ڪندڙ اهو آهي ته سچي انسان کي پنهنجي زندگي ۽ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ سموريون شيون پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ مطابق ۽ ان جو فرمانبردار بڻجي استعمال ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪوبه انسان پنهنجي زندگي ان اڪيلي مالڪ جي حڪم مطابق نه ٿو گذاري ته اهو انسان سڏرائڻ جي لائق نه آهي.

## هڪ وڏي سچائي

ان سچي مالڪ پنهنجي سچي ڪتاب "قرآن" ۾ هڪ سچائي اسان کي ٻڌائي آهي.

ترجمو: هر جاندار شيءِ کي موت جو مزو چکڻو آهي، پوءِ توهان کي اسان ڏي موٽي اچڻو آهي.

(سورة العنكبوت: 57)

هن آيت جا ٻہ حصا آهن.

پهريون هيءُ آهي تہ هر جاندار شيءِ کي موت جو مزو چکڻو آهي. هيءُ اهڙي ڳالهہ آهي جو هر مذهب، هر طبقي ۽ هر جاءِ جو ماڻهو ان تي يقين رکي ٿو بلڪ جيڪو ماڻهو مذهب کي مڃي بہ نہ ٿو سو بہ ان سچائيءَ جي اڳيان جهڪيل آهي. ايتري قدر جو جانور بہ موت جي سچي هجڻ کي سمجهي ٿو. ڪتو ٻليءَ کي ڏسي ڀڄندو آهي ۽ ڪتو بہ روڊ تي ايندڙ گاڏيءَ کي ڏسي وٺي ڀڄندو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن کي بہ موت تي يقين آهي.

## موت کان پوءِ

هن آيت جي ٻئي حصي ۾ قرآن پاڪ، هڪ سچائيءَ ڏي اسان کي توجهہ ڏياري ٿو. جيڪڏهن اها ڳالهہ انسان کي سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ سڄي جهان جو ماحول ئي بدلجي وڃي. اها سچائي هيءَ آهي تہ توهان کي مرڻ کان پوءِ مون (الله) ڏي ئي موٽي اچڻو آهي ۽ هن دنيا ۾ جهڙا بہ ڪم ڪندؤ تہ اهڙو ئي بدلو لهندؤ.

باقي مرڻ کان پوءِ توهان سڙي خاڪ ٿي ويندؤ ۽ ٻيهر پيدا نہ ڪيا ويندؤ ائين نہ آهي. اها ڳالهہ بلڪل سچي نہ آهي تہ مرڻ کان پوءِ توهان جو روح ٻئي ڪنهن جسم ۾ داخل ٿي ويندو. هيءُ نظريو انساني عقل جي ڪسوٽيءَ تي پورو نہ ٿو لهي.

پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ آواگمن (اچڻ وڃڻ) جو هيءُ

نظريو ويدن ۾ موجود نہ آهي. بعد وارن پراڻن (مذهبي ڪتابن) ۾ ان جو بيان آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ انسان جي پيدائشي جرثومن تي لکيل اولاد جون صفتون، پيءُ مان پٽ ۾، ۽ پٽ مان ان جي پٽ ۾ منتقل ٿين ٿيون. هن نظريي جي شروعات هن طرح ٿي تہ شيطان، مذهب جي نالي تي ماڻهن کي اونچ ۽ نيچ جي طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. مذهب جي نالي تي شودرن کان خدمت وٺڻ ۽ انهن کي گهٽ سمجهڻ وارن مذهب جي ٺيڪيدارن کان سماج جي هيٺئين طبقي جي ماڻهن جڏهن سوال ڪيو تہ جڏهن اسان جو پيدا ڪندڙ خدا آهي ۽ ان سڀني انسانن کي اک، ڪن، نک، هر شيءِ ۾ برابر بڻايو آهي تہ پوءِ توهان پاڻ کي وڏو (مٿيراهون) ۽ اسان کي هيٺ (گهٽ) ڇو ڪيو آهي؟

تنهنڪري انهن آواگمن (جوڻ) جو سهارو وٺي چئي ڇڏيو تہ توهان جي پوئين زندگيءَ جي ڪمن توهان کي هيٺ (گهٽ) ڪيو آهي.

هن نظريي مطابق سمورا روح پيهر پيدا ٿين ٿا ۽ پنهنجن ڪمن جي حساب سان جسمن ۾ بدلجي اچن ٿا. جن جا گهڻا بُرا ڪم هوندا، سي جانورن جي جسمن ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ جن جا وري انهن کان بہ وڌيڪ بُرا ڪم هوندا سي ٻوٽن جي يوناني (قالب) ۾ هليا وڃن ٿا ۽ جن جا چڱا ڪم هوندا آهن سي آواگمن (جوڻ) جي نظريي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندا آهن.

# آواگمن (جوڻ) جي خلاف ٺوس دليل

1. هن سلسلي ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته سڄي دنيا جي عالمن ۽ جاکوڙيندڙ سائنسدانن جو چوڻ آهي ته هن زمين تي سڀ کان پهريان نباتات (سلا ۽ ٻوٽا) پيدا ٿيا. ان کان پوءِ جانور پيدا ٿيا ۽ ان کان پوءِ ڪروڙين سال بعد انسان جي پيدائش ٿي. اچا انسان زمين تي پيدا ئي نه ٿيو هو ۽ ڪنهن انساني روح اچا ٻُرا ڪم ڪيائي نه هئا ته ڪهڙن روحن، سلن، ٻوٽن ۽ جانورن جي جسم ۾ جنم ورتو؟

2. ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته هن نظريي کي مڃڻ کان پوءِ هيءُ مڃڻو پوندو ته هن زمين ۾ جاندارن جي ڳاڻاٽي ۾ لڳاتار گهٽتائي ٿيندي رهي آهي جيڪي روح آواگمن (جوڻ) کان نجات حاصل ڪندا انهن جو تعداد گهٽ هجڻ گهرجي، جڏهن ته هيءَ حقيقت اسان جي سامهون آهي ته هن ايڏي وڏي زمين تي انسانن، جانورن، سلن، ٻوٽن ۽ هر قسم جي جاندار شين جي ڳاڻاٽي ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو رهي ٿو.

3. ٽين ڳالهه هيءَ آهي ته هن دنيا ۾ پيدا ٿيندڙن ۽ مرندڙن جي تعداد ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مرندڙ انسانن جي پيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ ٻارن جي

تعداد ۾ تمام گهٽو واڌارو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪروڙين مڇر پيدا ٿي ويندا آهن جڏهن ته مرندڙ مڇر انهن کان تمام گهٽ هوندا آهن.

ڪتي ڪجهه ٻارن جي باري ۾ هيءَ مشهور ٿي ويندو آهي ته هو ان جڳهه کي سُجاڻي ٿو جتي هو رهندو هو. پنهنجو پراڻو نالو به ٻڌائي ٿو ۽ هي به ته اهو پيهر جنم وٺي رهيو آهي. ياد رهي ته هي سڀ شيطان، جن ۽ ڀوت هوندا آهن. جيڪي ٻارن ۾ اچي ڪري ڳالهائيندا آهن ۽ انسانن جي دين ايمان کي خراب ڪندا آهن.

سچي ڳالهه هيءَ آهي ته هيءَ سچائي مرڻ کان پوءِ هر انسان جي سامهون اچي ويندي ته انسان مرڻ کان پوءِ، پنهنجي مالڪ وٽ ويندو آهي ۽ هن جهان ۾ ان جهڙا به ڪم ڪيا هوندا، ان مطابق ڪيس سزا يا سهڻو بدلو ملندو.

## عملن جو نتيجو ملندو

جيڪڏهن هو چڱا ڪم ڪندو ۽ ڀلائيءَ ۽ نيڪيءَ جي رستي تي هلندو ته جنت ۾ ويندو. جنت: جتي هر قسم جو آرام ۽ آسائش آهي ۽ منجهس اهڙيون اهڙيون عيش ۽ آرام جون شيون آهن جن کي هن دنيا ۾ نه ڪنهن اک ڏٺو آهي نه ئي ڪنهن ڪن ٻڌو آهي ۽ نه ڪو ڪنهن جي دل ۾ انجو خيال ئي ويو آهي ۽ سڀ کان وڏي ۾ وڏي جنت جي

نعمت هيءَ هوندي تہ جنتي ماڻهو اُتي پنهنجي مالڪ جو پنهنجي اکين سان ديدار ڪري سگهندا. جنهن جي برابر خوشيءَ جهڙي ڪا بہ شيءِ نہ هوندي.

اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو بڇڙا ڪم ڪري پنهنجي مالڪ جي نافرماني ڪندا، اهي جهنم ۾ وڃا ويندا. جتي باهہ ۾ سڙندا، اتي ڪين گناهن جي سزا ملندي ۽ وڏي ۾ وڏي سزا هيءَ هوندي تہ هو پنهنجي مالڪ جي ديدار کان محروم رهجي ويندا ۽ کين دردناڪ عذاب ٿيندو.

## خدا جو شريڪ بڻائڻ وڏي ۾ وڏو گناهہ آهي

ان سچي حقيقي مالڪ پنهنجي قرآن ۾ اسان کي ٻڌايو آهي تہ نيڪيون ۽ چڱا ڪم ننڍيا بہ هوندا آهن تہ وڏا بہ. اهڙيءَ طرح ان مالڪ وٽ گناهہ ۽ بُرا ڪم بہ ننڍيا ۽ وڏا هوندا آهن. ان اسان کي ٻڌايو آهي تہ جيڪو گناهہ اسان کي سڀ کان وڏيڪ سزا جو حقدار بڻائي ٿو ۽ جنهن کي هو ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو ان ڪم کي جيڪو بہ ڪندو سو هميشه جهنم ۾ سڙندو رهندو ان تي موت بہ نہ ايندو اهو آهي اڪيلي مالڪ سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ.
پنهنجي مٿي ۽ پيشانيءَ کي ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي آڏو جهڪائڻ، پنهنجا هٿ ٻئي جي آڏو ٻڌڻ، ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پوڄا جي لائق بڻائڻ، مارينڌڙ جيارينڌڙ روزي ڏيندڙ نفعي ۽ نقصان جو مالڪ سمجهڻ، تمام وڏو گناهہ ۽ حد درجي جو ظلم آهي. پوءِ پلي اها حيثيت

ڪنهن ديو ۽ ديوتا کي ڏني وڃي يا سج چنڊ، ستارن يا ڪنهن پير فقير کي ڏني وڃي (سڀ برابر آهن). ان مالڪ کان سواءِ ڪنهن کي پوڄا جي لائق سمجهڻ شرڪ آهي، جنهن کي اهو مالڪ ڪڏهن به معاف نہ ڪندو. ان کان علاوه هر گناهہ کي هو جيڪڏهن چاهي تہ معاف ڪري سگهي ٿو. هن گناهہ (شرڪ) کي تہ خود اسان جو عقل بہ ايترو ئي برو سمجهي ٿو ۽ اسان بہ ان عمل کي انتهائي برو سمجهون ٿا.

## هڪ مثال

مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن جي گهر واري وڏي جهيڙيڪار آهي. ٿوري ڳالهہ تي ان جي زبان مان گاريون نڪرن ٿيون. هوءَ ڪنهن جو چيو آکيو نہ ٿي مڃي. پر جيڪڏهن مڙس ان کي گهر مان نڪري وڃڻ جو چوي ٿو تہ هوءَ چويس ٿي تہ آءٌ صرف تنهنجي آهيان، تنهنجي ئي رهنديس، تو وٽ ئي مرنديس ۽ هڪ پل بہ تنهنجي گهر مان ٻاهر نہ وينديس. تہ مڙس ڪيڏو بہ ڪاوڙيل ڇو نہ هجي تہ اُن جي اهڙي جرئت ۽ سياڻپ ڏسي ساڻس نڀائڻ لاءِ مجبور ٿي ويندو.

ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪنهن جي گهر واري نهايت خدمتگذار ۽ حڪم جي پابند آهي. هوءَ هر وقت هن جو خيال رکي ٿي، مڙس اڌيءَ مانجهيءَ رات جو گهر ايندو آهي تہ هيءَ ان جي انتظار ۾ رهندي آهي. ان لاءِ کاڌو گرم ڪري

پيش ڪندي آهي. پيار ۽ محبت ڀريون ان سان ڳالهيون ڪندي آهي. اها هڪڙي ڏينهن هن کي چوي ته تون منهنجي زندگيءَ جو ساٿي آهين پر منهنجو ڪم تو اڪيلي سان هلي نه ٿو سگهي، ان ڪري مون پنهنجي پاڙيسريءَ کي به اڄ کان وٺي پنهنجو مڙس ڪيو آهي. پوءِ جيڪڏهن ان جي مڙس ۾ غيرت جو ذرڙو به هوندو ته اها ڳالهه برداشت نه ڪري سگهندو يا ته پنهنجي زال کي ماري ڇڏيندو يا پاڻ مري ويندو. آخر ائين ڇو؟ صرف ان لاءِ ته ڪو مڙس پنهنجي مخصوص مڙسانه حقن ۾ ڪنهن کي شريڪ ڏسڻ نه ٿو چاهي. توهان نطفي جي هڪ قطري مان جڙيل آهيو ته پنهنجي زال سان شريڪ ڪرڻ کي پسند نه ٿا ڪريو ته هو مالڪ جيڪو ان ناپاڪ نطفي مان انسان کي پيدا ڪري ٿو سو ڪيئن برداشت ڪري سگهندو ته سندس ڪو شريڪ هجي. ان سان گڏ ٻئي ڪنهن جي به پوڄا ڪئي وڃي. جڏهن ته هن سڄي جهان ۾ جنهن کي جيڪو ڪجهه مليو آهي سو ان ئي عطا ڪيو آهي. جيئن هڪ رنڊي پنهنجي لڄ وڃائي هر ايندڙ ماڻهوءَ کي پنهنجو جسم حوالي ڪري ڏيندي آهي ته ان جي ڪري اها اسان جي نظرن ۾ ڪريل هوندي آهي. اهڙي طرح اهو شخص به پنهنجي مالڪ جي نظرن ۾ ان رنڊيءَ کان به وڌيڪ ڪِريل هوندو آهي، جيڪو ان کي ڇڏي ڪنهن ٻئي جي عبادت ۾ مست هجي، پوءِ ڀلي اهو ڪا ديوتا مورتي هجي يا ڪا ٻي شيءِ.

## قرآن پاڪ ۾ مورتيءَ جي پوڄا جي مخالفت

مورتيءَ جي پوڄا لاءِ قرآن پاڪ ۾ هڪ مثال ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ غور ڪرڻ ضروري آهي، "الله کي ڇڏي جن شين کي توهان پوڄيو ٿا اهي سڀئي گڏجي هڪ مک به پيدا نہ ٿا ڪري سگهن ۽ پيدا ڪرڻ تہ ٿي پري جي ڳالهہ، جيڪڏهن مک انهن جي سامهون کا شيءِ (پرساد، نذر نياز وغيره) کَسي وڃي تہ ان کان واپس نہ ٿا ڪرائي سگهن، پوءِ پوڄ ۽ پوڄاري ٻئي هيٺا آهن ۽ انهن ان الله جو قدر نہ ڪيو آهي، جهڙي طرح ڪرڻو هو جيڪو طاقت وارو زبردست آهي. (سورة الحج: 73_74)

هي مثال ڪيڏو پلو آهي. ٺاهيندڙ تہ خود (پاڻ) هوندو آهي. پنهنجي هٿن سان ٺاهيل مورتين جا اسان پاڻ ٺاهيندڙ آهيون، جيڪڏهن انهن مورتين ۾ ٿوري به سمجهہ هجي ها تہ اهي اسان جي عبادت ڪن ها.

## هڪ جهونو خيال

ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اسان هنن جي عبادت هن لاءِ ڪريون ٿا تہ هنن ئي اسان کي مالڪ جو رستو ڏيکاريو آهي ۽ هنن جي وسيلي سان اسان مالڪ جون مهربانيون حاصل ڪريون ٿا. هيءَ بلڪل ائين ڳالهہ آهي جيئن ڪو ماڻهو قُليءَ کان ريل جي باري ۾ پڇا ڪري ۽ جڏهن قُلي ان کي ريل جي باري ۾ معلومات ڏئي تہ پوءِ اهو ريل جي جاءِ تي قُليءَ تي ئي سوار ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ ان

اسان کي ريل جي باري ۾ ٻڌايو آهي. اهڙيءَ طرح الله جي صحيح طريقي ۽ رستي ٻڌائيندڙن جي عبادت ڪرڻ بلڪل ائين آهي جيئن ريل کي ڇڏي ڦليءَ تي سواري ڪجي.

ڪي ڀائر هيئن به چوندا آهن ته اسان پنهنجي خالق ڏانهن صرف متوجه ٿيڻ لاءِ هنن مورتين کي رکندا آهيون. هيءَ به عجيب آهي جو ڪو ماڻهو غور سان ٻڌور کي ڏسي ۽ چوي ته بابي سائين کي پاڻ ڏي متوجه ڪرڻ لاءِ ٻڌور کي ڏسي رهيو آهيان ڪاٿي والد (پيءُ سڳورو) ۽ ڪاٿي ڪتو؟ ڪاٿي هيءَ ڪمزور مورتي ۽ ڪاٿي هو نهايت زبردست مهربان، ٻاجهارو مالڪ ان ڏي توجه ٿيندو يا هٽندو؟

خلاصو هيءَ آهي ته ڪهڙي به طرح ڪنهن کي به ان جو شريڪ مڃڻ وڏي ۾ وڏو گناهه آهي، جيڪو الله تعاليٰ ڪڏهن به معاف نه ڪندو ۽ اهڙو ماڻهو هميشه لاءِ جهنم جو ٻل ٻڻجندو.

## سڀ کان چڱي نيڪي ايمان آهي

اهڙي طرح وڏي ۾ وڏي ڀلائي ۽ نيڪي "ايمان" آهي، جنهن جي باري ۾ دنيا جي سمورن مذهب وارن جو چوڻ آهي ته هيءَ سڀ ڪجهه هتي ڇڏڻو آهي مرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ سان رڳو ايمان هلندو. ايمانداري يا ايمان وارو ان کي چوندا آهن جيڪو حق واري کي حق ڏئي ۽ حق ڪسيندڙ کي ظالم چوندا آهن، هن انسان تي وڏي ۾ وڏو حق ان جي

پيدا ڪندڙ جو آهي. اُهو هي ته سڀ ڪي پيدا ڪندڙ موت ۽ زندگي ڏيندڙ مالڪ، رب ۽ عبادت جي لائق هو اڪيلو آهي، ته پوءِ ان جي ئي عبادت ڪئي وڃي. ان کي ئي نفعي ۽ نقصان، عزت ۽ ذلت جو مالڪ سمجهيو وڃي ۽ هيءَ مليل زندگي ان جي مرضيءَ مطابق گذاري وڃي. ان کي مڃيو وڃي ۽ ان جي مڃي وڃي. ان جو نالو ايمان آهي. رڳو ان هڪ کي مالڪ مڃڻ کان سواءِ ۽ ان جي تابعداريءَ کان سواءِ انسان ايماندار نه ٿو ٿي سگهي، بلڪ ان کي بي ايمان چيو ويندو. مالڪ جو وڏي ۾ وڏو حق ڪائي ماڻهن جي سامهون ايمانداري ڏيکارڻ ائين آهي جيئن هڪ ڏاڙيل، تمام وڏي ڏاڙي سان مالدار ٿي وڃي، پوءِ دڪان تي گراهڪ کي چوي ته ادا تنهنجو هڪ پيسو حساب ۾ وڌيڪ ٿي ويو آهي، اهو پنهنجو وٺي وڃ. ايتري مال ڦرڻ کان پوءِ ٻن پيسن جو حساب ڏيڻ جهڙي هيءَ ايمانداري آهي. پنهنجي مالڪ کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪرڻ ان کان به وڌيڪ بدتر (بڇڙي) ايمانداري آهي.

ايمان رڳو هيءُ آهي ته انسان پنهجي مالڪ کي اڪيلو مڃي، ان اڪيلي جي عبادت ڪري ۽ ان جي ذريعي زندگيءَ جي هر گهڙيءَ کي سندس مرضي ۽ حڪم مطابق گذاري. ان جي ڏنل زندگيءَ کي ان جي ئي مرضيءَ مطابق گذارڻ کي ئي دين چئبو آهي ۽ ان جي حڪمن کي نه مڃڻ بي ديني آهي.

# سچو دين

سچو دين منڍ کان ئي هڪڙو آهي، ان جي تعليم هيءَ آهي تہ ان اڪيلي کي مڃڻ گهرجي ۽ ان جو حڪم بہ مڃڻ گهرجي. قرآن پاڪ ۾ آهي تہ ”دين تہ الله وٽ صرف اسلام آهي (سورة آل عمران: 19) ۽ اسلام کان سواءِ جيڪو بہ مذهب پيش ڪيو ويندو اهو ناقابل قبول آهي.“ (سورة آل عمران: 85)

انسان جي ڪمزوري آهي تہ سندس نظر هڪ خاص حد تائين ڏسي سگهندي آهي، سندس ڪن هڪ حد تائين ٻڌي سگهندا آهن. ان جي سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ جي قوت بہ محدود آهي، هنن پنجن حواسن سان ان جي عقل کي معلومات ملندي آهي. اهڙي طرح عقل جي عمل جي بہ هڪ حد آهي.

اهو مالڪ ڪهڙيءَ طرح جي زندگي پسند ڪري ٿو؟ ان جي عبادت ڪهڙي طرح ڪئي وڃي؟ مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ جنت ۽ جهنم ڏي وٺي ويندڙ ڪهڙا ڪم آهن؟ انهن سيني کي انسان جو عقل ۽ خود انسان بہ پتو نہ ٿو لڳائي سگهي.

# پيغمبر

انسان جي ڪمزوريءَ تي رحم ڪندي ان جي مالڪ انهن عظيم انسانن تي جن کي اُن هن منصب جي قابل سمجهيو ملائڪن جي ذريعي پنهنجا پيغام (سنيها) نازل

ڪيا، جن انسان کي زندگي گذارڻ ۽ بندگيءَ جا طريقا ٻڌايا ۽ زندگيءَ جون اهي حقيقتون ٻڌايون جيڪي هو پنهنجي عقل جي آڌار نه پٽي سمجهي سگهيو. اهڙي مهاپُرش (نيڪ انسان) کي نبي، رسول يا پيغمبر چيو ويندو آهي. ان کي اوتار (خدا وارو) به چئي سگهو ٿا، بشرطيڪ اوتار جو مطلب هيءَ هجي "جنهن تي لاٿو وڃي"، اڄڪلهه "اوتار" جو مطلب هيءَ سمجهيو ٿو وڃي ته اهو خود خدا آهي يا خدا ان جي شڪل ۾ لٿو آهي. اهو انڌو وشواس (يقين) آهي. هيءَ وڏي ۾ وڏو گناهه آهي. هن انڌي اعتقاد، هڪ مالڪ جي عبادت کان هٽائي اسان کي مورتيءَ جي پوڄا جي ڏيڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي.

هيءَ عظيم انسان (پيغمبر) جن کي الله تعاليٰ ماڻهن کي سڌي رستي ٻڌائڻ لاءِ چونڊيو ۽ انهن کي نبي ۽ رسول چيو وڃي ٿو جيڪي هر وستي، واهڻ ۽ هر خطي ۽ هر زماني ۾ ايندا رهيا. انهن سڀني هڪ خدا کي مڃڻ ۽ صرف ان اڪيلي جي عبادت ڪرڻ ۽ ان جي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ جو طريقو (شريعت يا مذهبي قانون) آندو. ان جي پابندي ڪرڻ لاءِ پڻ زور ڀريائون. انهن مان ڪنهن به رسول هڪ خدا کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت جي دعوت نه ڏني بلڪ انهن سڀني ان وڏي ۾ وڏي گناهه (شرڪ) کان روڪيو پوءِ انهن ڳالهين تي ماڻهن يقين ڪيو ۽ سچي رستي تي هلڻ لڳا.

## مورتين جي پوڄا جي شروعات

اِهي پيغمبر ۽ انهن جا پوئلڳ انسان هئا، انهن تي موت اچڻو هو (جنهن کي موت ناهي اچڻو اها ذات صرف خدا جي آهي). نبي يا رسول جي موت کان پوءِ انهن جي مڃيندڙن کي، انهن جي ياد اچي وئي جنهن سبب هو گهڻو روئندا هئا، هنن جي روئڻ ۽ محبت ڏسي شيطان کي موقعو ملي ويو. انسان جو ته اڳ ۾ئي هو دشمن آهي ۽ انسان جي امتحان (آزمائش) لاءِ کيس ڍينبلائڻ ۽ برين ڳالهين کي سندس دل ۾ وجهڻ جي همٿ ڏني وئي آهي ته ڏسجي ته ڪير ان پيدا ڪندڙ مالڪ کي مڃي ٿو ۽ ڪير شيطان کي مڃي ٿو. پوءِ شيطان ماڻهن وٽ آيو ۽ کين چيائين ته توهان کي پنهنجي رسولن يا نبين سان وڏي محبت آهي، مرڻ کان پوءِ هو توهان جي نظر کان اوجهل ٿي ويا آهن. ان ڪري آءٌ انهن جي مورتي ٺاهيان ٿو ان کي ڏسي توهان سڪون ماڻي سگهو ٿا، پوءِ شيطان مورتي ٺاهي. پوءِ جڏهن انهن جي دل چاهيو ٿي ته ان کي ڏسي دلي سڪون پيا ماڻيندا هئا ۽ هوريان هوريان جڏهن ان مورتيءَ جي محبت هنن جي دل ۾ گهري وئي ته شيطان چيو: جيڪڏهن توهان هن مورتيءَ جي اڳيان پنهنجو مٿو جهڪائيندؤ ته هن مورتيءَ ۾ توهان کي ڀڳوان (خدا) ملندو. انسان جي دل ۾

مورتيءَ جي واڪاڻ اڳ ۾ ئي گهر ڪري چڪي هئي، تنهن ڪري هن مورتيءَ جي اڳيان متو جهڪائڻ ۾ دير نہ ڪئي ۽ ان کي پوڄڻ شروع ڪري ڏنو ۽ اهو انسان جنهن جي پوڄا جي لائق صرف هڪ خدا هو سو مورتين کي پوڄڻ شروع ٿي ويو ۽ شرڪ ۾ ڦاسي پيو.

هن سڄي جهان جو سردار (انسان) جڏهن پٿر يا متيءَ جي اڳيان جهڪڻ لڳو تہ ذليل ۽ خوار ٿيو ۽ مالڪ جي نظرن ۾ بہ ڪِري پيو ۽ هميشه لاءِ جهنم جو ٻل ٻڻجي ويو. ان کان پوءِ الله تعاليٰ پنهنجا رسول موڪليا. جن ماڻهن کي مورتين جي پوڄا ۽ الله کان سواءِ ٻين جي پوڄا کان روڪيو ڪجهہ ماڻهو هنن جي ڳالهہ مڃيندا رهيا ۽ ڪجهہ ماڻهو هنن جا نافرمان ٻڻيا. جن ماڻهن مڃيو تن کان الله خوش ٿيو ۽ راضي ٿيو ۽ جيڪي ماڻهو انهن جي نصيحتن جي خلاف ورزي ڪندا هئا تہ انهن کي آسمان مان عذاب نازل ڪري ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو هو.

## رسولن (پيغمبرن) جي تعليم

هڪ ٻئي جي پٺيان نبي ۽ پيغمبر ايندا رهيا. انهن جي دين جو بنياد هڪ هوندو هو هو هڪ دين ڏي سڏيندا هئا تہ هڪڙي خدا کي مڃيو ڪنهن کي ان جي ذات ۽ صفت ۾ شريڪ نہ ڪريو. ان جي عبادت (پوڄا) ۾ ڪنهن

کي بہ شريڪ نہ ڪريو. ان جي سمورن رسولن پيغمبرن کي سچو مڃيو. ان جي ملائڪن کي سچو مڃيو. هو الله جي پاڪ مخلوق آهن، هو نہ کائيندا آهن نہ پيئندا آهن نہ ننڊ ڪندا آهن. هر ڪم ۾ مالڪ جي فرمانبرداري ڪندا آهن. ان پنهنجي فرشتن (ملائڪن) جي ذريعي جيڪو وحي موڪليو آهي يا گرنٿ (مذهبي ڪتاب) لاٿو آهي، انهن سيني کي سچو مڃيو. ياد رهي تہ مرڻ کان پوءِ ٻيهر زندهہ ٿي پنهنجن چڱن يا ٻُرن ڪمن جو بدلو ملڻو آهي، ان تي يقين ڪريو ۽ هي بہ يقين رکو تہ جيڪو ڪجھہ تقدير ۾ چڱو يا برو آهي، سو مالڪ جي طرفان آهي ۽ آخر هن وقت جيڪا شريعت ۽ زندگي گذارڻ جا طريقا ڪٿي آيو آهيان ان تي هلو. الله تعاليٰ جا جيترا بہ نبي ۽ رسول آيا سي سڀ سچا هئا ۽ انهن سيني تي اسان جو ايمان آهي ۽ اسان انهن ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿا ڪريون. سچائيءَ جو ترازو هيءَ آهي تہ جن هڪ خدا کي مڃڻ جي دعوت ڏني هجي، انهن جي تعليم ۾ هڪ مالڪ کي ڇڏي ٻين جي پوڄا ۽ خود انهن جي پوڄا جي ڳالھہ بہ نہ هجي. ان ڪري جن مهاپرشن (نيڪ انسانن) وٽ مورتيءَ جي پوڄا يا گهڻن معبودن جي عبادت جي تعليم هجي سي يا تہ رسول نہ هئا يا انهن جي تعليمن ۾ هيرا ڦيري ڪئي وئي آهي. محمد ﷺ

جن کان اڳ سمورن رسولن جي تعليم ۾ هيرا ڦيري ڪئي وئي آهي ۽ ڪاٿي ڪاٿي ته گرنٿن کي به بدلايو ويو آهي.

## آخري پيغمبر حضرت محمد ﷺ

هيءَ هڪ وڏو سچ آهي ته هر ايندڙ رسول ۽ نبيءَ جي ذريعي ۽ انهن جي صحيفن ذريعي هڪ آخري نبيءَ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي ۽ چيو ويو آهي ته هن جي اچڻ کان پوءِ ۽ هن کي سڃاڻڻ کان پوءِ پراڻيون سڀ شريعتون ۽ مذهبي قانون ڇڏي هن جي ئي ڳالهه مڃي وڃي ۽ هن جي ذريعي آيل ڪلام ۽ دين تي هلجي. اسلام جي حقانيت جو ثبوت هي به آهي ته اڳين ڪتابن ۾ حد درجي جي تبديليءَ جي باوجود ان مالڪ، آخري رسول ﷺ جن جي اچڻ جي خبر کي تبديل ٿيڻ نه ڏنو ته متان ڪو هيئن نه چئي سگهي ته اسان کي خبر نه هئي. ويدن ۾ ان جو نالو "نراشنس" ۽ پراڻن (هندو ڌرم جي مذهبي ڪتابن) ۾ ڪلڪي اوتار، بائبل ۾ فارقليط ۽ ٻڌن جي گرنٿن ۾ "آخري ٻڌ" وغيره لکيو ويو آهي.

انهن مذهبي ڪتابن ۾ محمد ﷺ جن جي پيدائش جي جاءِ، تاريخ، وقت ۽ ٻيون ڪافي علامتون اڳ ۾ ٻڌايون ويون هيون.

# حضرت محمد ﷺ جن جي زندگي مبارڪ جو تعارف

اڄ کان تقريباً چوڏهن سؤ سال پهريان اهو آخري پيغمبر محمد رسول ﷺ جن سعودي عرب جي شهر مڪي ۾ پيدا ٿيا. پيدائش کان ڪجهه مهينا اڳ ۾ ئي سندن والد جو انتقال ٿي ويو هو. والده سڳوري به ڪي گهڻا ڏينهن زنده نه رهي. پهريان ڏاڏي ۽ ان کان پوءِ سندن چاچي کين نپايو. دنيا ۾ سڀ کان نرالو هيءُ انسان سڄي مڪي شهر جي اکين جي ماڻڪي ٻڻجي ويو. جيئن جيئن پاڻ وڏا ٿيندا ويا ته ماڻهن جي ساڻن محبت وڌندي وئي. کين سچار ۽ ايماندار ڪوٺيو پئي ويو. ماڻهو پنهنجون قيمتي امانتون وٽن رکندا هئا. پنهنجي وچ ۾ تيل جهيڙن جهڳڙن جو فيصلو به کانئن ئي ڪرائيندا هئا. هڪ دفعي ڪعبي کي جيڪو الله جو مقدس گهر آهي، پيهر تعمير ڪيو پئي ويو ان جي هڪ پٽ جي ڪنڊ ۾ هڪ مقدس پٿر آهي، جڏهن ان کي ان جي جاءِ تي رکڻ جو وارو آيو ته ان جي مقدس ۽ برڪت ڀرئي هجڻ جي ڪري مڪي جي سمورن قبيلن ۽ سردارن جي خواهش هئي ته هن مقدس پٿر کي ان جاءِ تي رکڻ جو اعزاز کين ئي ملي. ان جي ڪري تلوارون اُڀيون ٿي ويون، تڏهن هڪ سمجهدار سياڻي ماڻهوءَ فيصلو ڪيو ته جيڪو سڀ کان

پهريان هتي ڪعبي ۾ ايندو اهوئي فيصلو ڪندو ان ڳالهه تي سڀئي ماڻهو راضي ٿي ويا. ان ڏينهن سڀني کان اڳ ۾ ايندڙ حضرت محمد ﷺ جن هئا. سڀني گڏجي هڪ آواز ۾ چيو: واهه واهه! اسان وٽ سچار ۽ ايماندار ماڻهو اچي ويو آهي. اسان سڀ راضي آهيون، ته جيڪي هيءُ فيصلو ڪندو سو قبول آهي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن هڪ چادر وڇائي ۽ ان ۾ اهو پٿر کڻي رکيائون ۽ چيائون ته هر خاندان جو سردار، چادر جي پلؤ مان پڪڙي ۽ هن کي کڻي. جڏهن پٿر پيت وٽ پهتو ته پاڻ سڳورن ﷺ جن پنهنجي هٿن مبارڪن سان ان کي کڻي ان جاءِ تي رکيو. ائين اها هڪ وڏي جنگ ٿاري ڇڏيائون. اهڙيءَ طرح ماڻهو کين هر ڪم ۾ اوليت ڏيندا هئا. پاڻ جڏهن سفر تي ويندا هئا ته ماڻهو بي چين ٿي ويندا هئا ۽ جڏهن موٽندا هئا ته ماڻهو ساڻن ملي (سڪ ۾) اوڇنگارون ڏئي روئندا هئا.

انهن ڏينهن ۾ اتي الله جي گهر ڪعبي ۾ 360 بُت، ديوين ۽ ديوتائن جون مورتيون رکيل هيون. سڄي عرب ديش ۾ ذات پات، نند وڏائي، عورتن تي ظلم، شراب، جُوا، وياج، لڙائي، زنا جهڙيون ڪيتريون ئي بُرايون ڦهليل هيون.

جڏهن پاڻ ﷺ جن 40 سالن جا ٿيا ته الله تعاليٰ پنهنجي ملائڪ (جبرائيل ؑ) جي ذريعي، پاڻ سڳورن ﷺ

جن تي قرآن نازل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪين رسول بڻائڻ جي خوشخبري ڏني ۽ ماڻهن کي توحيد (رب جي هيڪڙائيءَ) ڏي سڏڻ جي ذميواري سونپي.

## سچ جو آواز

هڪ دفعي پاڻ سڳورن ﷺ جن هڪ جبل تي مٿي چڙهي وڏي آواز سان سڏ ڪيا. سندن آواز ٻُڌي ماڻهو جلديءَ ۾ پهچي ويا. ڇاڪاڻ ته هيءَ هڪ سچي ايماندار ماڻهوءَ جو آواز هو. ماڻهن کان پڇيائون ته، جيڪڏهن آءٌ توهان کي چوان ته هن جبل جي پويان هڪ وڏو لشڪر اچي ٿو جنهن جو توهان تي حملي جو ارادو آهي ته ڇا يقين ڪندؤ؟

سڀني گڏجي چيو ته، ہلا! اوهان جي ڳالھ تي ڪير يقين نه ڪندو توهان ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو آهي ۽ جبل جي چوٽيءَ کان ہئي پاسي ڏسو به توهان ٿا پيا. ان کان پوءِ پاڻ ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏنائون، بت پرستيءَ کان ڪين روڪيائون ۽ مرڻ کان بعد جهنم جي باھ کان پڻ ڊيڄاريائون.

## انسان جي هڪ ڪمزوري

انسان جي هيءَ ڪمزوري رهي آهي ته هو پنهنجي ٻزرگن جي غلط ڳالهين کي به اکيون ٻوٽي مڃيندو آهي.

جيستوڻيڪ سندس عقل ۽ دليل انهن جو صاف انڪار ڪندا آهن. پر ان جي باوجود انسان ابن ڏاڏن جي ڳالهين کان هڪ پير به پوئتي نه هٽندو آهي، ان جي خلاف عمل ته ڇا پر ڪجهه ٻڌڻ لاءِ به تيار نه هوندو آهي.

## رڪاوٽون ۽ آزمائش

اهوئي ڪارڻ هو جو چاليهن سالن جي عمر تائين سندن احترام ڪرڻ، سچار مڃڻ باوجود مڪي جا ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي تعليم جا دشمن ٿي بيٺا. پاڻ جيترو وڌيڪ ماڻهن کي ان سچائيءَ ڏي سڏن پيا ته هو ويتر دشمنيءَ ۾ وڌندا ٿي ويا. ڪي ماڻهو ايمان وارن کي ايذائين پيا ۽ مارين پيا ۽ باهه تي ليٽائين پيا ته ڪي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي گهلين به پيا ۽ مٿن پٿر به اڇلائين پيا. پر پاڻ سڳورن ﷺ جن سيني لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرن پيا ۽ ڪنهن کان به بدلو (پلاند) نه پيا وٺن. سڄي سڄي رات پنهنجي مالڪ کان انهن لاءِ هدايت جي دعا گهرن پيا. هڪ دفعي مڪي جي ماڻهن کان مايوس ٿي طائف شهر ڏانهن ويا، اتان جي ماڻهن هن عظيم انسان جي بي حرمتي ڪئي. سندن پويان شرارتي ڇوڪرا ڇڏيائون، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ جن کي گهٽ وڌ ڳالهائين پيا. انهن ماڻهن پاڻ سڳورن ﷺ جن کي پٿر به هنيا، جنهن سبب سندن جسم

مبارڪ ايترو تہ زخمي ٿي پيو جو رت پيرن مان وهڻ لڳو تڪليف جي ڪري جڏهن پاڻ ڪٿي ويٺا ٿي تہ اهي ڇوڪرا کين ٻيهر اٿي اُٿارين پيا ۽ وري مارين پيا. ان حالت ۾ پاڻ شهر کان ٻاهر نڪري هڪ جاءِ تي ويهي رهيا. ايتري تڪليف جي باوجود بہ انهن لاءِ بددعا نہ ڪيائون، بلڪ پنهنجي مالڪ کان دعا گهريائون تہ "اي مالڪ! هنن کي سمجهہ ڏي هي نہ ٿا ڄاڻن."

پاڻ سڳورن ﷺ جن کي هن پاڪ ڪلام ۽ وحي پهچائڻ خاطر پنهنجو پيارو شهر مڪو ڇڏڻو پيو. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي شهر مان لڏي مديني هليا ويا، اتي بہ مڪي وارن لشڪر تيار ڪري بار بار پاڻ سڳورن ﷺ جن تي حملا ڪيا.

## حق جي فتح

سچائيءَ جي هميشه فتح ٿيندي آهي، ان ڪري هتي بہ فتح ٿي. 23 سالن جي سخت مشقت کان پوءِ پاڻ ﷺ جن سيني تي فتح ياب ٿيا ۽ سچائيءَ جي رستي ڏي سندن خالص دعوت، سڄي عرب ملڪ کي اسلام جي ٿڌين ڇانون ۾ اچي بيهاريو ۽ سڄي دنيا ۾ هڪ انقلاب اچي ويو. بت پرستي بند ٿي وئي، ننڍ وڏائي ختم ٿي وئي ۽ سڀ ماڻهو هڪ الله کي مڃيندڙ ۽ ان جي عبادت ڪندڙ ٿي ويا.

## آخري وصيت

پنهنجي رحلت (لاڏاڻي) کان ٿورو عرصو اڳ ۾ پاڻ ﷺ لڳ ڀڳ سوا لک ماڻهن (صحابن) سان گڏجي حج ڪيو ۽ اتي سيني کي آخري وصيت ڪيائون. جنهن ۾ هيءَ بہ فرمايائون تہ:

"انسانو! مرڻ کان پوءِ جڏهن توهان کان عملن بابت پڇا ٿيندي تہ منهنجي باري ۾ بہ پڇيو ويندوَ تہ ڇا مون الله جو دين ۽ سچائي ماڻهن تائين پهچائي؟ اتي سيني چيو: "بيشڪ اوهان پهچائي." پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ آسمان ڏي آڱر کڻي ٽي دفعا چيو: اي الله! تون شاهد هججانءِ. ان کان پوءِ هيءَ بہ فرمايائون تہ آءٌ آخري رسول (پيغمبر) آهيان، هاڻي مون کان پوءِ ڪوبہ نبي يا رسول نہ ايندو. آءٌ ئي اهو آخري نبي، نراشنس ۽ ڪلڪي اوتار آهيان، جنهن جو توهان کي انتظار هو ۽ جنهن جي باري ۾ توهان سڀ ڪجهہ ڄاڻو ٿا.

قرآن ۾ آهي: "جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو اهي هن (پيغمبر محمد ﷺ جن) کي ائين سڃاڻين ٿا جيئن پنهنجن پٽن کي سڃاڻيندا آهن. انهن مان هڪ ٽولو حق کي لڪائي ٿو." (سورة البقره: 146)

## هر انسان جي ذميواري

هاڻي قيامت تائين ايندڙ هر انسان جي ذميواري آهي

۽ ان جو مذهبي ۽ انساني فريضو آهي ته هو ان اڪيلي مالڪ جي عبادت ڪري، ان سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪري، ان جي آخري پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن کي سچو مڃي ۽ ان جي آندل دين ۽ زندگي گذارڻ جي طور طريقن تي هلي. اسلام ۾ ان کي ايمان چيو ويو آهي، ان کان سواءِ مرڻ کان پوءِ هميشه لاءِ جهنم ۾ وڃڻو پوندو.

## ڪجهه سوال

هتي توهان جي ذهن ۾ ڪجهه سوال پيدا ٿي سگهن ٿا ته مرڻ کان پوءِ جنت يا جهنم ۾ وڃڻ،

ڏسڻ ۾ ته نه ٿو اچي، ائين ڪيئن مڃيون؟

ان سلسلي ۾ هيءُ ڄاڻڻ مناسب ٿيندو ته ٻار جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي ته جيڪڏهن ان کي چيو وڃي ته جڏهن تون ٻاهر ايندين ته کير پيئندين، روئندين. ٻاهر تمام گهڻيون شيون ڏسندين ته حمل جي حالت ۾ ان کي يقين نه ايندو پر هو جيئن ئي پيٽ کان ٻاهر نڪرندو ته سڀني شين کي پنهنجي آڏو ڏسندو اهڙيءَ طرح هيءُ جهان هڪ حمل جي حالت آهي، هتان کان مرڻ بعد نڪري جڏهن انسان آخرت جي جهان ۾ اکيون کوليندو ته اتي سڀ ڪجهه پنهنجي آڏو ڏسندو.

اتان جي جنت، جهنم ۽ ٻين حقيقتن جي خبر اسان کي اُن سچي (انسان) ٻڌائي آهي جنهن کي سندس جاني دشمن به ڪڏهن ڪوڙو نه چئي سگهيا. قرآن جهڙو ڪتاب مليو آهي، جنهن جي سچائي هرهڪ پنهنجي توڙي پرائي مڃي آهي.

## ٻيو سوال

• ٻي ڳالهه جا اوهان جي دل ۾ ڪٽڪي سگهي ٿي اها هيءَ آهي ته جڏهن سيئي رسول،مذهب ۽ مذهبي صحيفا سچا هئا ته پوءِ اسلام قبول ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟

اڄ جي هن موجوده دنيا ۾ ان جو جواب بلڪل آسان آهي. اسان جي ملڪ ۾ هڪ پارليامنٽ آهي، هتان جو هڪ آئين آهي هتي جيترا به وزيراعظم ٿيا، اهي سڀ هندستان جا واقعي به وزيراعظم هئا، پنڊت جواهرلال نهرو شاستري جي، ان کان پوءِ اندرا گانڌي، چرن سنگهه راجيو گانڌي، وي پي سنگهه وغيره. ملڪ جي ضرورت ۽ وقت جي مطابق جيڪي قانون ۽ ترميمون انهن پاس ڪيون، اُهي سڀ ڀارت جا قانون هئا. پر هاڻي جيڪو موجوده وزيراعظم آهي ان جي ڪابينا ۽ سرڪار جيڪا به قانون

۾ ترميم ڪندي ان سان پراڻو قانون ختم ٿي ويندو ۽ پارٽ جي هر شهريءَ تي ضروري آهي تہ ان نئين ترميم ٿيل قانون کي مڃي. هاڻي جيڪڏهن ڪو شهري چوي تہ جڏهن اندرا گانڌي اصلي وزيراعظم هئي تہ مان ان جا ئي قانون مڃيندس. هن نئين وزيراعظم جي ترميم ٿيل قانون کي آءٌ نہ مڃيندس ۽ نہ ڪو ان جي طرفان لڳايل ٽيڪس ادا ڪندس، تہ اهڙي انسان کي هر شخص ملڪ جو مخالف چوندو ۽ ان کي سزا جو مستحق سمجهيو ويندو. اهڙيءَ طرح سمورا مذهب ۽ مذهبي گرنٿ پنهنجي وقت ۾ آيا ۽ سيئي سچائيءَ جي تعليم ڏيندا هئا. ان ڪري هاڻي سمورن رسولن جي مذهبي ڪتابن کي سچو مڃيندي بہ آخري رسول محمد ﷺ جن تي ايمان آڻڻ ۽ سندن شريعت تي عمل ڪرڻ هر انسان لاءِ ضروري آهي.

## سچو دين صرف هڪ آهي

ان ڪري هيءُ چوڻ ڪهڙي بہ طرح مناسب نہ آهي تہ سيئي مذهب خدا ڏي وٺي وڃن ٿا، رستا الڳ الڳ آهن. منزل سمورن جي هڪ ئي آهي. سچ صرف هڪ هوندو آهي، ڪوڙ ڪيترائي ٿي سگهن ٿا. نور هڪ هوندو آهي، انڌيرا گهڻا ٿي سگهن ٿا. سچو دين صرف هڪ آهي اهو منڍ کان ئي هڪ آهي ان ڪري هڪ کي مڃڻ ۽ ان هڪ جي ئي مڃڻ

کي اسلام چئبو آهي. دين ڪڏهن بہ تبديل نہ ٿيندو آهي، صرف وقت جي مناسبت سان مسئلا بدلجندا رهندا آهن، اهو بہ انهيءَ مالڪ جي ٻڌايل طريقن جي مطابق بدلجندا آهن. جڏهن انسان جو نسل هڪ آهي ۽ ان جو مالڪ بہ هڪ آهي تہ رستو بہ صرف هڪ آهي، قرآن پاڪ چيو آهي: "دين تہ الله جو صرف اسلام آهي." (سورة آلعمران:19)

## هڪ ٻيو سوال

هيءُ سوال بہ ذهن ۾ اچي سگهي ٿو تہ حضرت محمد ﷺ جن الله جا سچا نبي ۽ پيغمبر آهن ۽ هو دنيا جا آخري پيغمبر بہ آهن، ان جو ڪهڙو ثبوت (دليل) آهي؟

جواب صاف آهي. اول تہ هيءُ قرآن الله جو ڪلام آهي، هن دنيا کي پنهنجي سچي هجڻ جي لاءِ دليل ڏنا آهن، جيڪي سيني کي ميڄڻا پيا آهن ۽ اڄ تائين انهن کي ڪوبہ ختم ڪري نہ سگهيو آهي. قرآن پاڪ حضرت محمد ﷺ جن جي سچي ۽ آخري نبي هجڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي. ٻي ڳالهہ هيءُ آهي تہ حضرت محمد ﷺ جن جي زندگيءَ مبارڪ جو هڪ هڪ پل دنيا جي سامهون آهي، سندن سڄي زندگي مبارڪ تاريخ جو کليل ڪتاب آهي. دنيا ۾ ڪنهن بہ انسان جي زندگي محمد ﷺ جن جي زندگيءَ وانگر محفوظ ۽ روشن ناهي.

حضرت محمد ﷺ جن جي دشمنن ۽ اسلام جي دشمنن، تاريخدانن به ڪڏهن هيئن نه چيو آهي ته محمد ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن جي باري ۾ ڪوڙ ڳالهايو هو. حضرت محمد ﷺ جن جي شهر وارا سندن سچائيءَ بابت قسم کڻندا هئا. جنهن پلي انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو (ته پوءِ) هو دين جي نالي تي ۽ خدا جي نالي تي ڪوڙ ڪيئن ڳالهائي سگهي ٿو؟

حضرت محمد ﷺ جن پاڻ ٻڌايو آهي ته آءٌ آخري نبي آهيان، مون کان پوءِ هاڻي ڪوبه نبي نه ايندو. نه ئي ڪا پيشن گوئي ڪئي اٿن. سمورن مذهبي گرنٿن (ڪتابن) ۾ آخري رِشي، ڪلڪي اوتار بابت پيشن گوئيون ڪيون ويون آهن ۽ جيڪي نشانيون ٻڌايون ويون آهن اهي صرف حضرت محمد ﷺ جن ۾ لڀن ٿيون.

## پنڊت ويد پرڪاش اپاڌيائي جو فيصلو

پنڊت ويد پرڪاش اپاڌيائي لکيو آهي ته جيڪو اسلام قبول نه ڪري ۽ حضرت محمد ﷺ جن کي ۽ سندن دين کي نه مڃي اهو هندو به نه آهي، ان ڪري ته هندن جي مذهبي گرنٿن ۾ لکيل آهي ته هن زمين تي ڪلڪي اوتار ۽ نراشنس جي اچڻ کان پوءِ ان کي ۽ ان

جي دين کي مڃيو وڃي ته جيڪو هندو به پنهنجي مذهبي گرنٿن تي عقيدو رکڻ باوجود ان کي مڃڻ کان سواءِ مري ويو ته بعد واري زندگيءَ ۾ دوزخ جي باهه اُتي خدا جي ديدار کان محروميءَ ۽ ان جي ڏمر جو لائق ٿيندو.

## ايمان جي ضرورت

مرڻ کان پوءِ واري زندگي کان سواءِ به هن دنيا ۾ ايمان ۽ اسلام اسان جي ضرورت آهي ۽ انسان تي فرض آهي ته هڪ مالڪ جي پوڄا ڪري. جيڪو ان جو در ڇڏي پين جي آڏو جهڪندو وتي ٿو ته اهو جانورن کان به ويل آهي. ڪتو به پنهنجي مالڪ جو دروازو نه ڇڏيندو آهي ۽ ان ۾ ٿي اميد ۽ آس رکيو ويٺو هوندو آهي. اهو به ڪو انسان آهي جيڪو پنهنجي سچي مالڪ کي وساري در در جهڪندو وتي.

پر هن ايمان جي گهڻي ضرورت مرڻ کان پوءِ واري زندگي لاءِ آهي، جتان انسان واپس وري نه موٽندو ۽ اتي موت گهرڻ کان پوءِ به کيس موت نه ايندو ان وقت پڇتائڻ به ڪم نه ڏيندو جيڪڏهن انسان هتان ايمان کان سواءِ هليو ويو ته هميشه لاءِ جهنم جي باهه ۾ کيس سڙڻو پوندو. جيڪڏهن هن دنيا جي باهه جي هڪ چوچڙي به اسان جي جسم کي لڳي پوي ٿي ته اسان کي تڪليف ٿئي ٿي ۽

تڙپئون ٿا، ته پوءِ جهنم جي باهه ڪيئن برداشت ٿي سگهندي، جا هن باهه کان سَتر ڀيرا وڌيڪ تکي آهي ۽ ان ۾ هميشه سڙڻو آهي، جڏهن هڪ کل سڙي ويندي ته ان جي جاءِ تي ٻي کل مٽائي ويندي ۽ لڳاتار اها سزا پوڳڻي پوندي.

## پيارا پڙهندڙ دوستو!

منهنجا پيارا پڙهندڙ دوستو! موت جو وقت خبر نه آهي ته ڪڏهن اچي. جيڪو ساهه اندر آهي ان جي ٻاهر اچڻ جي پڪ نه آهي ۽ جيڪو ساهه ٻاهر نڪتو آهي ان جي اندر اچڻ جي به پڪ نه آهي. موت کان اڳ ۾ مهلت آهي پنهنجي سڀ کان پهرئين ۽ وڏي ۾ وڏي ذميواريءَ جو احساس ڪريو. ايمان کان سواءِ نه هيءَ زندگي زندگي آهي نه ڪو مرڻ کان پوءِ واري زندگي آهي. سياڻي سيني کي پنهنجي مالڪ وٽ وڃڻو آهي، اتي سڀ کان پهريان ايمان جي پڇا ٿيندي، ان ۾ منهنجو ذاتي غرض به آهي ته سياڻي حساب جي ڏينهن توهان هيئن نه چئجو ته اسان تائين ڳالهه پهتي ئي ڪانه هئي.

مون کي اميد آهي ته هيءَ سچيون ڳالهيون اوهان جي دل ۾ ويهي ويون هونديون ته پوءِ اچ محترم ڀاءُ! سچي دل ۽ سچي روح وارا! منهنجا پيارا دوست! ان مالڪ کي شاهد بڻاءِ ۽ سچي دل سان، جنهن کي دلين جي رازن جي ڄاڻ

آهي تنهن کي ڄاڻڻ وارو ميج. اقرار ڪري وعدو ڪر تہ

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ صلى الله عليه وسلم

ترجمو: آءٌ هن ڳالهہ جي شاهدي ٿو ڏيان تہ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت (پوڄا) جي لائق نہ آهي. هو اڪيلو آهي ان جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ حضرت محمد ﷺ الله جو سچو ٻانهو ۽ رسول آهي.

آءٌ توبه ڪريان ٿو ڪفر کان، شرڪ کان يعني ڪهڙي طرح بہ الله جي شريڪ بڻائڻ کان پوءِ سمورن گناهن کان ۽ هن ڳالهہ جو عهد ڪريان ٿو تہ پنهنجي پيدا ڪندڙ سچي مالڪ جي سمورن حڪمن کي مڃيندس ۽ ان جي سچي نبي حضرت محمد ﷺ جن جي سچي اطاعت ڪندس. رحيم ۽ ڪريم مالڪ کان دعا آهي تہ مون کي ۽ توهان کي ان رستي تي مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رکي.

منهنجا پيارا دوست! جيڪڏهن تون پنهنجي موت تائين ان يقين ۽ ايمان جي مطابق پنهنجي زندگي گذاريندو رهئين تہ پوءِ خبر پئجي ويندئي تہ تنهنجي هن ڀاءُ ڪيئن محبت جو حق ادا ڪيو.

## ايمان جو امتحان

هن اسلام ۽ ايمان جي ڪري توهان تي به آزمائش اچي سگهي ٿي. پر جيت هميشه سچ جي ٿيندي آهي. هتي به حق جي جيت ٿيندي ۽ جيڪڏهن سچي زندگي امتحان ۾ گذارڻو پوي ته هيءَ سوچي برداشت ڪري وڃجانءِ ته هيءَ دنيا واري زندگي ته ڪجهه ڏينهن آهي. مرڻ کان پوءِ واري سچي زندگي، اتان جي جنت ۽ ان جا سک ۽ عيش حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي مالڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي ديدار ڪرڻ لاءِ هيءَ آزمائشون ڪجهه به نه آهن.

## اوهان جو فرض

هڪ ٻي ڳالهه ايمان ۽ اسلام جي هيءَ سچائي، هر ان ڀاءُ جو حق ۽ امانت آهي جنهن تائين هيءَ حق نه پهتو آهي، ان ڪري اوهان جو به فرض آهي ته مخلص ٿي ڪري صرف پنهنجي ڀاءُ جي همدرديءَ خاطر ۽ ان کي مالڪ جي ڏمر (غضب) ۽ جهنم جي باهه ۽ سزا کان بچائڻ لاءِ، دک درد جو احساس رکي جنهن پياري نبيءَ هيءَ سچائي پهچائي هئي، توهان به پهچايو. انهن کي صحيح ۽ سڌي رستي جي سمجهه اچڻ لاءِ پنهنجي مالڪ کان دعائون گهرو. اهڙو ماڻهو انسان سڏرائڻ جي لائق آهي؟ جنهن جي آڏو ڪو انڌو (نابين) نظر نه هئڻ ڪري باهه جي پيڙ ۾ ڪِري پوي ۽

هو ان کي هڪ دفعو بي دليءَ سان به نه چوي ته هي رستو سڌو باهه جي پيڙ ڏي وڃي ٿو. انسانيت هيءَ آهي ته ان کي روڪي ۽ ان کي پڪڙي، باهه کان بچائي ۽ وچن ڪري ته جيترو منهنجو وس آهي ته آءٌ ڪڏهن به توکي به باهه ۾ ڪِرڻ نه ڏيندس.

ايمان آڻڻ کان پوءِ هر مسلمان تي حق آهي ته جنهن کي دين جي، نبيءَ جي ۽ قرآن جي هدايت ملي چڪي آهي، اهو شرڪ ۽ ڪفر جي باهه ۾ ڦاٿل ماڻهن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري، انهن کي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي ۽ انهن جا پير پڪڙي ته جيئن ماڻهو ايمان کان هٽي غلط رستي تي نه وڃن. بنا غرض ۽ سچيءَ نيت سان چيل ڳالهه دل تي اثر ڪندي آهي، جيڪڏهن توهان جي ذريعي هڪڙي ماڻهوءَ کي به ايمان نصيب ٿي ويو ۽ هڪ شخص به الله تعاليٰ جي در تي اچي ويو ته اسان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو ان ڪري الله تعاليٰ ان شخص کان وڏيڪ خوش ٿيندو آهي جيڪو ڪنهن کي ڪفر ۽ شرڪ کان ڪيدي سڌي رستي تي آڻي. اوهان دل تي هٿ رکي ٻڌايو ته جيڪڏهن اوهان جو پٽ اوهان کان باغي ٿي دشمن سان وڃي ملي ۽ ان جو چيو مڃيندو رهي ۽ ڪو نيڪ ماڻهو ان کي سمجهائي، توهان جو فرمانبردار بڻائي ته توهان ان نيڪ ماڻهوءَ کان ڪيڏو نه خوش ٿيندؤ. مالڪ (الله) ان ٻانهي کان ان کان به

وڏيڪ خوش ٿيندو آهي جيڪو ٻين تائين ايمان پهچائڻ ۽ ورهائڻ جو ذريعو بڻجي پوي.

## ايمان آڻڻ کان پوءِ

اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ جڏهن توهان مالڪ جا سچا ٻانها ٿي پيو ته هاڻي توهان تي روزانه پنج دفعا نماز فرض آهي. توهان ان کي سکو ۽ پڙهو ان سان روح جو سڪون ۽ الله جي محبت وڌندي. رمضان مهينو ايندو ته ان هڪ مهيني جا روزا رکڻا پوندا. مالدار آهيو ته دين جي مقرر ڪيل طريقي موجب پنهنجي آمدنيءَ مان مستحقن جو حصو ڪڍڻو پوندو ۽ جيڪڏهن وس ۾ هجي ته عمر ۾ هڪ دفعو حج لاءِ به وڃڻو پوندو.

خبردار! هاڻي اوهان جو مٿو الله کان سواءِ ڪنهن جي به اڳيان نه جهڪي. توهان تي شراب، جوا، سوئر جو گوشت، رشوت ۽ حرام ڪيل شيون منع آهن ۽ انهن کان بچڻ لازم آهي ۽ الله جي ٻڌايل پاڪ شين کي وڏي شوق سان کائڻ گهرجي.

پنهنجي مالڪ جي ذريعي مليل پاڪ ڪلام جي روزانو تلاوت ڪجي يعني ان کي پڙهجي ۽ پاڪائي ۽ صفائي جا طريقا سکڻ گهرجي. سچي دل سان هيءَ دعا گهرجي ته اي اسان جا مالڪ! اسان کي، اسان جي دوستن

کي، خاندان جي ماڻهن ۽ مائٽن کي ۽ هن زمين تي رهندڙ پوري انسانيت کي ايمان سان زنده رک ۽ ايمان تي مار، چاڪاڻ ته ايمان ئي، انساني سماج جو پهريون ۽ آخري سهارو آهي، جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جو پيغمبر حضرت ابراهيم عليه السلام پرندڙ باهه ۾ پنهنجي ايمان جي دولت سان ٽپي پيو هو ۽ ان جو وار به ڏنگو نه ٿيو هو ته اڄ به ان ايمان جي طاقت باهه کي باغ بڻائي سگهي ٿي ۽ سچي رستي جي هر رڪاوٽ کي به ختم ڪري سگهي ٿي.

آج بھی ہو جو ابراہیم سا ایمان پیدا
آگ کر سکتی ہے انداز گلستان پیدا

والسلام

محمد ڪليم صديقي
پهلت، مظفر نگر يوپي
(انڊيا)


جامعة فاطمة الزهراء للبنات